# ممبئيءَ واري.....

شڪلا پنهنجيءَ ٻار کي ماءُ طرف وٺنديندي چيو, "هان وٺ پنهنجو سونو."

ماءُ سونوءَ کي وٺيءَ ٿي وٺي ٿي تنهن کان اڳ نندي پيڻ جهٽڪيءَ ٻار کي کڻي اٿي پئي.

"ٺڪي ٺڪي ٺڪي." ڪنديءَ ٻوٽ جو پادر لاهڻ ڇڏي هڪ پادر گهليندي شڪلا پيڻ کان وڃي پٽ

ڪسيو. چيلڪين "چري جهڙي, ٺڪ ڪارٽ مان ڇو ڪييڪس؟"

"هي ٺڪ ڪارٽ آهي جهڙي ٿري... سولو ڪيڪ آهي ڇا جو ٿري ۾ رکيس؟" ليڪن چڪي

وري جهٽ هٽي نندي پيڻ ٻار کي کڻي ويئي. سولوءَ کي کڻڻ واري رڳي هڪڙي نندي

پيڻ ڪانه هئي, هتي ته سوٽيون ماساتيون پاڙيواريون سڀ واري سان ٻار کي کڻنديون ٿي

ويئون.

شڪلا هيٺ نه مٿي هئي, انمنيو ماءُ سان ۽ وڏي پيڻ سان پاڪر پڪي ملي چاچيءَ چيو

"شيو گهوٽن ڇو ڪين آيو؟"

شڪلا چيو, "هو ته هفتي کن ۾ اچي ويندو پر پاپي هڪڙي ڳالهه ٻڌي ڇڏيو مون کي شيو

نه شڪلا ڪري سڏيندا ڪريو نه ته سونوءَ جي ٻڌيءَ کي غصو ٿو لڳي."

چاچيءَ سرير کي لوڏو ڏيئي ٻانهن هلائي چيو "سونوءَ پيءُ اچي ته سهين, اجان ته رڳو

توکي مڪو اٿس ته وڃي ممبئيءَ جو جلوو ڏيکار اجميري ۾."

شڪلا جو منهن سڄي ويو. چاچيءَ سندس ڪاڏيءَ کان جهلي منهن مٿي ڪري چيس

"ٻلبلي, دل ۾ نه ڪر توکي ته شڪلا سڏيندا سين پر تنهنجي لالوءَ کي ٻه چوندينءَ ته ٺڪلا

ڪري سڏيندا سين." ان ڳالهه تي سيني ۾ ٺهڪڙو پئجي ويو.

شڪلا پنهنجيءَ ٻار جي ٺڪ ڪارٽ کڻي وڃي سونوءَ کي ان ۾ رکيو. وڏي پيڻ چيو,

"شيوي... نه شڪلا, هيءَ لپ ڪاٽري ته جهڙي اڏ گاڏي پر ڦيٽا ڪونه اٿس." ميڙاڪي ۾ وري

هڪڙو ٺهڪڙو گونجي اٿيو. شئلا پٽ کي چمڻ لڳي. چاچيءَ چيو "هيڏانهن تہ ڪرينس مان تہ پٽ کيس تي چميون ڏيان."

"چو مون کي نہ؟"

چاچيءَ شئلا جلبئي ڳل پٽي چيو "هان وٺ پهرين توکي."

چئينبجي کن جڏهن چاچي ستسنگ ۾ وڃڻ لاءِ سنيري تڏهن شئلا پنهنجو وڏو شاهي سٽون کٽيمئي ان مان هڪ سينٽ جي شيشي ڪڍي، ٿوري سينٽ چاچيءَ کي مکي، شيشي چاچيءَ کي هٿ ۾ پڪڙائيندي چيائين "پاپي هيءَ شيشي پاڻ وٽ رکي ڇڏباهر نڪرين تہ ڦڙو مکي نڪرندي ڪر."

"مئي هاڻي رهہ رهبمبئيءَ واري، اجان تہ لنڊن آمريڪا گهمي اچين ها تہ چوين ها سڄي گهر ۾ سينٽون هاري ڇڏيو." چاچيءَ سينٽ جي شيشي شئلا کي پڪڙائيندي چيو ۽ گسر گسر ڪنديباهر نڪري ويئي.

شئلا ٺپتو ڏيئي چيو، "سويل مون کي چمي تي ڏنئين ان مهل ڪيڏي پئي پگهر جي بانسمئي پاپيءَ مان.... ڳوناڻي...."

ماءُ جي نهار ڪجهہ کن لاءِ شئلا تي ٽڪيبيهي رهي. ساڳيءَ ٽڪيل نهار سان شئلا کي سڏي چيائين "پٽ جي چدي تہ لاهي ڏس ڪجهہ ڪيو نہ هجيس. مون کي تہ خبرئي نٿي پوي. ڪٽان ڪلندي؟ هيءَ تہ چديئي ڪانہ ٿي لڳي؟

شئلا چيو، "فڪرئي نہ ڪر، پلي چوويهہ ڪلاڪ اها چدي پيئي هجيس، توهان مان ڪنهن کي ڪونہ پسائيندو."

نندي پيٽ آرسيءَ ۾ ڏسندي وار پئي ٺاهيا سونوءَ کي هنج ۾ کڻي چيائين "گلاب جي پاڻيءَ جي ڇٽڪار ڪان ڇٽي."

